# حضرت سيد صاحبڏني شاهہ صوفي القادري سروري جو

# كلام



Gul Hayat Institute

# ابيات

١

ايمان سلامت هر ڪوئي منگي، عشق سلامت هجي،
منگا عشق ملي ايمان، تنهنجي مثلحت ڪيهي ڪجي،
لَن تَنا اللبرَّ حَنا تنفقونَ، سر مال فدا آسٽي ڪجي،
"صاحبڏني شاهہ" سڪ سوز سان، سر سينگاري ڏجي،

٢

منهنجو ماءُ مجاز، تنبي تن تالان ڪيو،
وڃي پيو وجود ۾، سورن سندو ساز،
"صاحبڏني شاهہ" صنم جي، نهوڙي وڏو ناز،
پڌو مون آواز، هيبتناڪ حسن جو.

Gul Hayat Institute

٣

هيبتناڪ حسن جو پتو پيو جن،
وين وسري وجود ڪان ڪايا مايا ڏن،
نيڪي بدي ناموس ڏي، ڪامل نہ ڏين ڪن،

“صاحبڏني شاهه” جن، اڃي عشق امام ٿيو.

~~~~~~

۴

اڃي عشق امام ٿيو، تنهن برهه ڇوائي بانگ،
انا ال ڪافر انا ال ڪافر انا ال مشرڪ انا ال مشرڪ انالحق انالحق،
سولي سايو سانگ،
“صاحبڏني شاهه” سر جو تون، سالڪ رک نه سانگ،
آهي ملهه انالحق آواز جو.

~~~~~~

۵

پريو مڃ مجاز جو پتنگ ڪيو پرواز، سڙي ويا سوز ۾ ڏسي نظر ناز،
سالڪ حسن جي سير جو ڪي رند پروڙين راز،
“صاحبڏني شاهه” اڃي زوم سان، جيئن بحري اڃي باز،
حسن آ شهباز ڇائي ويو چنبن ۾.

~~~~~~

Gul Hayat Institute

٦

پريو مڃ مجاز جو شمع ڪيو شعاع، پروانا سڀ پڇي پيا،
منجهه عشق جي آڙاهه، العشق ناريحرڪ سچو هي گواهه،
~~~~~~

“صاحبڏني شاهہ” آهي، بلبل باغ حسن جو.

~~~~~~

٧

بلبل باغ جو ڪري سير سلطاني، غير نہ آڻ شڪ نہ ڄاڻ،
سڄاتم سير سبحاني، ٻولي ٻولي ٻاجهہ جي ڪري لات لاثاني،
لاالہ الاالله محمد رسول الله فدا ٿيو فاني،
“صاحبڏني شاهہ” عرق غرقاني، بيشڪ بحر حسن جو.

~~~~~~

٨

مونکي ماءُ مجاز وادوڙين جان وڃيو،
ڪمينا ڄاڻن ڪينڪي رمز انهيءَ جو راز،
اڇي ٿو عوشاقن تي جيئن بحري اڇي باز،
وجهي چنبا چست ڪري پوءِ ڪري پرواز،
اماڻي انهيءَ ملڪ تي، جتي ڏوهہ نڪو ثواب،
تون مان ڪانڪا، نڪو سوال جواب،
“صاحبڏني شاهہ” چوي آهي نينهن نواب، حڪم هلائي پنهنجو.

Gul Hayat Institute

~~~~~~
~~~~~~

مرم ماروئڙن جو مونکي ٿو ماري، لوئي نہ لاهي پٽ نہ پائي،
پئي سانگهئيڙا ساري، ڪري ياد پيڪن کي ڳوڙها ڳل ڳاري،
ڪري قرب ڪن ڪنيز سان ايندم او تاري،
”صاحبڏني شاهہ“ چوي تار من تاري، ويندا هن ولهي کي.

Gul Hayat Institute

## ١: ڪافي روپ تلنگ

خارج مني نہ مني، عليؑ اعليٰ شاني، عليؑ اعليٰ شاني ثابت وچ قرآني.

١۔ ڏيکو وچ حديثي، ڪري ڪون ريسي،

منڪر مول نہ مني، احمق پڻ ابليسي، نبيﷺ آپ فرمايا، ميڏا جگر جاني.

٢۔ عليؑ ڪعبي وچ ڄايا، نبيﷺ لسان چوسايا،

سارا علم سڪايا، بيحد جنهن دا بياني.

٣۔ نبيﷺ مونڍي تي چايا، حيدرؑ بت ڀن آيا،

موليٰ شان وڌايا، سلطان سُلطاني.

٤۔ نائب نبيﷺ دا آيا، سارا ڪفر ڪنبايا،

منڪر مار منايا، تابع جن انساني.

٥۔ جيتر عليؑ نہ آيا، خيبر فتح نہ پايا،

مرحب مار ڏڪايا، سُڻيا ساري جهاني.

٦۔ لڳي احد لڙائي، ڀڄ ڳئي سڀ جهاني،

نبيﷺ رهيا تنهائي، عليؑ وچ ميداني.

٧۔ مشڪل پيش جو آوي، عليؑ اسم ڪم آوي،

حيدرؑ حل ڪر ڇڙاوي، ٿي موليٰ مهرباني.

٨۔ "صاحبڏني شاهہ" ثناگر، غلامان غلام قنبر،

سُڻ تون شاهہ، تونگر، داتا ملي داني.

Gul Hayat Institute

## ٢: ڪافي روپ ڪوهياري

سڀ تتبيران ترڪ ڪري، ٿيا تابع سڀ تقدير جا، قدير جا.

١- عباس علي؏ منڍي مشق پائي جي،

وڍيا ويرن بازون، وير جا تہ امير جا.

٢- سِر قاسم؏ جي سهن سهرا جيئن،

جلوا بدر منير جا تہ اڪسير جا.

٣- اصغر؏ اجايل جهليو تير حلق ۾،

جنهن جا لب لعابي، کير جا تہ صغير جا.

۴- حُر هوشيار همت سان آئي،

پير چميا تنهن پير جا تہ شبير؏ جا.

۵- هڪ هزار تو سو بهتر صفوان،

زخم ڪاري تير جا تہ علي؏ جي وير جا.

٦- عشق جا ڳهڻا ڳل عابد؏ جي،

پيرين توڪ زنجير جا تہ اسير جا.

٧- ”صاحبڏني شاهہ“ ڪر تون صبر سالڪ،

اعليٰ شان امير؏ جا تہ ظهير جا.

Gul Hayat Institute

## ٣: ڪافي روپ پهاڙي

عشق سندو امتحان، شاهہ شبير؏ سان ٿيو بيحد بالا.

١. ڪربلا ڏي ڪاهي ڪامل آيا، سر ڏيڻ جا ڪيائون سعيا،

مڙيا نہ مستان، ذڪر زبان هُن ذولجلال.

٢۔ مرد ميدان ۾ آيو علي اڪبر؏، هم شڪل هو پاڪ پيغمبرﷺ،

ٿيا حرامي حيران، شير شهادت جا پيتا پيالا.

٣۔ قاسم؏ چاچي ڪان آيو موڪلائي، بار هجر جا سر تي چائي،

شاهہ وڏي سان شان، سر ڏيئي ٿيو افضل اعليٰ

٤۔ عباس علي؏ ڪيو پاڻي جو سعيو، مشق منڍي فرات تي آيو،

بازو وڍيس بي ايمان، ڪوفين ڪيڙو ڪيس ڪمالا.

٥۔ اصغر؏ اجايل آيو هٿن تي چائي، موٽيو پنتي معصوم مارائي.

ڪيڏو صبر ڪيو سلطان، تير حلق ۾ جهليو ٻهڳڻ ٻالا.

٦۔ حر حبدار چڙيو پليتن جو پاسو، آيو امام وٽ خادم خلاصو،

سر ڪيائين قربان، جاءِ جنت ۾ جڙيس بالا.

٧۔ سردار شهيدن جي شهادت پائي، زلزل زمين ڪئي آسمان انداهي،

ڪل پئي ٿي ڪا نہ، صحي روايت جو سچو آ قولا.

٨۔ هٿين پير ڳل طوق زنجيرن، علي عابد؏ ڪيو قيد بي پيرن،

شاهہ پڙهي شڪران، پيرين پيادي ڪيا ڪيڏا ڪشالا.

٩۔ ”صاحبڏني شاهہ“ چوي عشق عطا ڪر، ڪوڙ ڪچايون معاف خطا ڪر،

Gul Hayat Institute

داتا گھران ٿو دان، حب حيدر[۴] جي ڏي رب تعاليٰ.

## ۴: ڪافي روپ آسا

~~~~~~

**عجب گھر عشق جو افضل، ڪنهن ڪي هٿ جي ايندو آ.**

۱. جڏهن آيس عشق جي ڏڳ تي، وهائين ڪات رڳ رڳ تي،
ڪفر اسلام ناهين اڳتي، دوئي جا دام ٿوڙيندو آ.

۲. مرشد ڏني مام منصوري، سٽياسي ڪنز ڪدوري،
سمايو عشق سيني نوري، سولي نيٺ نيندو آ.

۳. اصل ڪان عشق آهي آتش، رکي نہ نينهن نزاڪت،
ڪري مجنون جان وري مستي، بيرنگ باهم جاليندو آ.

۴. "صاحبڏني شاهہ" سوز ۾ سارو، چاتائين برهہ جو بارو،
هيائين نينهن جو نعرو، گھي گھي گم بہ ٿيندو آ.

Gul Hayat Institute
~~~~~~

## ۵: ڪافي روپ آسا

**نال ماهي دي جال وي ميان، هُو حق هادي حاضر ناظر.**

۱. حُب حيدر هر رک تُون، اها سُرت سنڀال وي ميان،

پڪڙ دامن تون علي[۴] اعليٰ دي، ٿيسي ڪمال وي ميان.

۲. دم دي نال تون جال هميشہ، دم هيئي وصل وصال وي ميان

دم دريا سمونڊون اونهان، نہ ڪوئي مثل مثال وي

پريم پيالا پر ڪر پيتم، هٿ هادي دي نال وي ميان،

غفلت غير وڃايس هڪدم، ڪر ڪي بِرھ بحال وي ميان.

”صاحبڏني شاھ“ گم ٿي غازي، مڙڻ هئي تہ محال وي ميان

Gul Hayat Institute

## ٦: ڪافي روپ آسا

عشق جو باري بار وي ميان، چمي عوشاقن چاهہ سان چايو.

دام زلف ۾ جيڪي آيا، تن بار ملامت سر تي چايا،

بدنامي جا ڳل ڳانا پايا، نينهن ڪيا نروار وي ميان،

عشق اندر ۾ ڏنن اوراتو.

باهہ برهہ جي جن کي جلايو، اناالحق آواز الايو،

سر سولي تي سورهہ ملهايو، عاشق ٿيو اثبات وي ميان،

مُلن مُلائن ڪين سڃاتو.

عاشق اَڏي تي اڪيرئون آيا، قدم قرب جا تن پرتئون پايا،

سر ڏيڻ جا اٿن سعيا، گام وڌائن گام وي ميان،

پيغمبرن اُتي پير نہ پاتو.

مهمير آکين ڪيئي ماري چڙيا، ڪن ڳاراٽي سر ڳاري چڙيا،

.....................................، چاڻ اکين جو چاڻ وي ميان،

”صاحبڏني شاهہ“ سير سڃاتو.

Gul Hayat Institute

## ٧: ڪافي روپ آسا

ديدن جي درياءَ ۾ عاشق گم ٿيا، غازي غرق غواصي،

پتو تنهن ڪي جو پيڙو، اوري چڙيائون لک چوراسي.

ديد ۾ ڪن ٿا ديد درازي، راز انهيءَ ۾ رند ٿيا راضي،

ڇا وري ڄاڻن ملا قاضي، الٽ عينن جي ڪاروي ميان،

ڄاڻ سان ڄاڻن عليل اداسي.

ديد ڪري ٿي جا تي امارو، ڪنڌي ڪين جو ڪين ڪنارو،

نانگا هڻن ٿا نينهن جو نعرو، لاحد ٿيا لاٿان وي ميان،

ڪين ڦاسايا پي ڪنهن ڦاسي.

نفل نگاهہ ۾ جيڪي آيا، صوفي صورت سڀ ۾ سمايا،

گهورا ڪين جي جيڪي گهايا، ڪين ڪرن اظهار وي ميان،

پي پيالو پريم پياسي.

”صاحبڏني شاهہ“ سر سڄاتم، پاڻ ۾ پرجهي پاڻ سان ڄاتم،

پڪو پيچ پريت جو پاتم، ڪري نفي اثبات وي ميان،

بيخودي ڪئي خودشناسي.

Gul Hayat Institute

## ۸: ڪافي روپ آسا

عشق اصل عريان، ڪين لڪي توڙي ڪو لڪ لڪائي.

عشق جي آتش ساڙي، سنڌن ڪي جلد جلائي جان،

مرد مري ڪو مطلب پائي.

سورهہ سنيري چڙهيا سولي تي، ڪَل مُلن ڪي ڪانہ،

ڪو ذات ظهورو عبد ۾ آهي.

ويا ناسوتئون نيهي نڪري، لاهوتي لامڪان،

قصدئون ڪام قدم ڪڏائي.

”صاحبڏني شاهہ“ برهہ بهاري، وسائي ويراني،

لام الف سان چڏائين لائي.

Gul Hayat Institute

## ٩: ڪافي روپ لوڙائو

ناهن منجهئون نروارٿي آيم، ڪرڻ سير صفاتي.

عدم مان آدم ٿي آيم، پرٽئون پاتم پير.

احدئون احمد ٿي مين هون، ڦند ناهي ڦير.

غالب مين مغلوب ٿي مين هون، قادر ٿئي پيو ڪير.

دلق پوشي آ دولت خانو، لهي ڪو مرد مٿير.

ڪوڙين من ڪو ڪامل لهندو، پون انهيءَ جو پير.

"صاحبڏني شاه" نفي اثبات ڪيو، ويري رهيو نڪو وير.

Gul Hayat Institute

## ١٠: ڪافي روپ لوڙائو

عشق آفات آهي اسد الاهيءِ، لحم لڱن جو لاهي ٿو،

ماس هڏيون هڏ ڪائي ٿو.

عشق علم اچي جاتي ڪوڙيءِ، جهنڊو جهاد ڪرائي ٿو،

ماري منڪر مار ڪرائيءِ، فتح فياضي پائي ٿو.

عشق امانت خاص الله جيءِ، منڪر منجهہ تہ مٿائي ٿو،

جنهن چمي چت چاهہ سان چاتو، سر سارو سمجهائي ٿو.

عشق جو اُلو جنهن تي پيئڙو، ٻاري پيڙ مچائي ٿو،

ساڙي چڏي ٿو سپ سنڌن ڪيءِ، باقي ذات بچائي ٿو.

پير مغان جڏي پريت وڏائي عشق عطا تان ڪرائي ٿو،

”صاحبڏني شاهہ“ پڙهہ شڪرانا، محبت مچ مچائي ٿو.

Gul Hayat Institute

## ١١: ڪافي روپ لوڙائو

سڪ صنم جي سخت ستايو، اکين آرام نہ آيو آ.

آکين آرام نہ آيو آ، نيڻن مان نير وهايو آ.

ساعت سڄڻ توکان جدا نہ جاليان، جدائي جسم جلايو آ،

ڏينهن ڏکن جو وڏو ورهہ کان، ساعت سال مون ڀانيو آ.

ويٺي نهاريان واٽ اوهان جي، پرين پيغام نہ آيو آ،

ماٽان نہ ڪر محب ماندي سان، پاند ڳچي مون پايو آ.

عشق اونهانجي آتش لائي، برهہ پيڙ مچايو آ،

روز ساڙي ٿو سور سدائين، پريم پليتو لايو آ.

ڪانون ڪانگيرو گم ٿي ويڙو، عشق عقاب اڏايو آ

اماٽي چڙيائين ملڪ انهيءَ تي، جاتي جٽيو نہ ڄايو آ.

سڪندي سڪندي سال گذاريم، واحد وصل ڪرايو آ،

هادي حمايت حق ٿيو، حاصل صحيح سر سمايو آ.

"صاحبڏني شاهہ" گم ٿيو گر ۾، گم ٿي غير وڃايو آ،

گُم ٿيڻ ۾ هئي هدايت، هادي حق سمجهايو آ.

Gul Hayat Institute

## ۱۲: ڪافي روپ لوڙائو

مون کي ماروئڙن جي، اندر منجهہ اُڪير،

پنج تون قيد، لاهج نيل زنجير.

تنهنجا تول وهاڻان، مون کي مول نہ ڀاڻان،

واري ڪن وڇاڻان، مارن منجهہ ملير.

پٽ نہ پائيندس، لوئي لاهيندس،

مارو نہ لڄائيندس، عمر ڄام امير.

تنهنجون تهريون طعام، وڻن ڪيئن وريام،

اچي ڪين آرام، محلاتن ۾ مير.

”صاحبڏني شاهہ“ ساري، ويهان ڪيئن وساري،

ايندا شل او تاري، وهلو وِلهن وير.

Gul Hayat Institute

## ١٣: ڪافي روپ لوڙائو

موکي مارو ئڙن جا، پلپل پور پون،

پلپل پور پور، ساڙيون سور وجن.

ماتم ٿيو ملڪن ۾، لڏيا لعل وجن،

سامي هليا سفر تي، پورب پنڌ پڇن

محبت سندي ميدان ۾، سورهه سر ٿا ڏين،

اچي اڏي ڪي آر تي، ڪوپا ڪنڌ ڪسن.

رات روئي رت گاڏون، موڳا ماڪ پوڻ،

دانهون درد فراق جون، ڀڳڻ مثال ٻڌن.

”صاحبڏني شاهه“ چوي شوق مون، پرين پنهنجو ڪن،

قرب مجائين پنهنجو، گڏجي شال گڏن.

Gul Hayat Institute

## ۱۴: ڪافي روپ جوڳ

ناه ۾ جو ناه ٽيڙا، ناه ڪيا نانگهہ نظر،

الا الله اثبات ڪن، بقا بهادر باخبر.

آيا اڏي جي آر تي، قربئون قتل جي ڪار تي،

سِر ڏنئون اقرار تي، عطا ٿين ازلي اثر.

نيزي نظاري نينهن جي، محبت وسائين پنهنجي،

شوقئون شهادت شينهن جي، ڪوپا ٿيا ڪامل اڪثر.

”صاحبڏني شاهہ“ صاف آ، عاشقن انصاف آ،

مرڻ تنهن تئون معاف آ، زنده رهن ٿا جي خطر.

Gul Hayat Institute

## ١٥: ڪافي روپ جوڳ

ديد ۾ ديد ٿيا، ڏيئي سِر عوشاق شهيد ٿيا.

جيڪي موج مجازي ۾ آيا، اوهي ڄاڻ آهين جو ڄاڻن،

ثابت سر ڪري تہ سڃاڻن ٿا، اوهي مرد ميثاقي تجريد ٿيا.

جيڪي دام اکين جي ۾ آيا، تن پيچ پريت جا پايا،

اتن سِر ڏيڻ جا سعيا، پي جام وصال وعيد ٿيا.

جيڪي رمز اکين جي ڄاڻن ٿا، پنهنجو پاڻ کي پاڻ سڃاڻن ٿا،

نہ ڪا تاڻ پي تاڻن ٿا، حملي حسن واري ۾ بريد ٿيا.

”صاحبڏني شاهہ“ ترڪ آ، بحر حسن ۾ غرق آ،

محبت وارن اهو مرڪ آ، جملي جوش وارا سڀ مريد ٿيا.

Gul Hayat Institute

## ١٦: ڪافي روپ جوڳ

عشق عقل سان ڪيون ڪيون، مٺيون ساري جهان جون،

ساري جهان جون، جڳ جهان جون.

عشق عقل سان ڪيون هن تعديون، تاب ڏيڪاري تيون تيون،

جوش وڏي جوادن جون

عشق اچڻ سان علم عقل جون، پاڙان پٽجي ويون ويون،

سُرت واري سامان جون.

حُسن جون فوجان سر عاشقن اچن، اُمالڪ سَيون سَيون،

تاب وڏي طولان جون.

رندن روز الست ازل کان، عشق امانت ڪيون ڪيون،

سر نيزي نشان جون.

برهه بهادر جنگ جدل جون، فوجان فالم ڪيون ڪيون،

عشق آلي اعليٰ شان جون.

انا احمد بلاميمي بي خودي خود چيون چيون،

اناالحق الحام جون.

”صاحبڏني شاهه“ برهه جو باتيون، نينهن سٽايون نيون نيون،

ثابت صحيح سِر سبحان جون.

Gul Hayat Institute

## ١٧: ڪافي روپ جوڳ

سڄڻ اوهان کي سِڪ ۾ ويندس محب مري،

درد اوهان جي دلبر، چاڪن ڪئي هان چري.

جدائي ڪر نہ جاني، فراقن ڪئي هان فاني،

روز ٻاڪاري ٻانهي، ڪر تون وصال وري.

توبہ توبہ زاري، در در وچوڙي ماري،

گھور نہ وجہ تون گھاري، توڙي هان عيبن ڀري.

نينهن صدورو ٿيندو، پنهل مون وٽ ايندو،

ڏيہ واڌايون ڏيندو، ويندو نہ شال وري.

"صاحبڏني شاهہ" سوالي، برهہ رهي برحالي،

اک عاشقن جي عالي، جنهن کي آ ذوق ذري.

Gul Hayat Institute

## ١٨: ڪافي روپ جوڳ

جي اچي محبوب مون گهر، هاڻي حاضر چا ڪريان،

مال مڏيون محبوب تان، سر ساهه پڻ صدقي ڪريان.

حال هن هجر سندو، محبوب تو معلوم آ،

واڳان وصل جون آءُ تون واري، مون مٿي جيڪر جيان.

عرض ٿو عاجز ڪري، تون مٺا منظور ڪر،

عشق عاليءَ برهه بالا، ڏي سهاڳ سُهاڳ ٿيان.

مون موالي هان سوالي، آيس مان ميخان تي،

جام صراحي مون ملي، پيالا پريمي ٿو پيان.

مٿي ڪان پوءِ منهنجي قبر تي، جي اچين محبوب تون،

نڪري قبر کان مون ادب سان، سو پيرا سجدو ڪيان.

”صاحبڏني شاهه“ فڪر ڪر، هر دم حياتي ذڪر ڪر،

يادگيري ناهين جنهن کي، نامرد ماديون ميان.

Gul Hayat Institute

## ١٩: ڪافي روپ پيروي

پاند ڳچي پائيندس، پنهل پرچائيندس،

بديون بخشائيندس، مون ۾ عيب هزار.

ميري آهيان مندي آهيان، گدلي مون گندي آهيان،

دوست وسندي آهيان، ڪج ڪامل مونکي قربدار.

لنگڙ لچي آهيان، ڪميڻي ڪچي آهيان،

ڏوليا مون ڏٺي آهيان، لاڄ ڳچي تنهنجي آهي لڄدار.

ننڍڙ نماڻي سان، عيبن هاڻي هان،

ورهه وڪاڻي سان، اڇي مل تون مهندار.

سجڻ سنياريان ٿي، پل نه وساريان ٿي،

پنهل پڪاريان ٿي، ڪري ياد تو ڪي يار.

”صاحبڏني شاهه“ پنهل ايندو، ڏُٺ ڏٺي جا ڏول ڏيکيندو،

نال وٺي ننڍڙ ڪي نيندو، عيب اجهل مون ۾ آهن اپار.

Gul Hayat Institute

## ٢٠: ڪافي روپ تلنگ

ماندي مران ٿي، ٻار ڙين ٻران ٿي، پلپل پنهل آهي تنهنجي پچار.

سڄڻ سنپاريان ٿيم دم نہ وساريان ٿي،

ڀڳڻ ٻاڪاريان ٿي، ڪري ياد تو ڪي يار.

چا ڪئون چڏي وئين، گوندر گڏي وئين،

پرچ پرين لھ سوڍل سنپار.

محب سان ملندس، خوش ٿي ڪلندس،

مساڳ ملي مون ڪندس سينگار.

”صاحبڏني شاھ“ پرين شال ايندا، ننڌر نماڻي گولي گڏيندا،

ويندو وڇوڙو ڪندو ڏئي نہ ڏار.

Gul Hayat Institute

## ٢١: ڪافي روپ تلنگ

پاڻ آهيان حق پاڪ، بشري برقي چاڪ چوايم.

اصلئون آهيان لامڪاني، آدم تڪيو ڪيم نشاني،

عشق ڪيو عوشاق وي ميان، عهدئون آڻي عبد سڏايم.

لاالا نفي نابود جي ڪيڙم، الا الله اسم معبود جي ٿيڙم،

عرش زمين افلاڪ وي ميان، هر جاءِ هر هنڌ سِر سمايم.

صورت صنم جي شور مچايم، باري بار برهہ جو چايم،

نڪري ٿيس نروار وي ميان، ڪنت ڪنزا پول پلايم.

عدم ڪان هت ٿي آيم، نا ڪنهن ڇڏيل نا ڪنهن چايم،

پرتئون ڪري پاسار وي ميان، ”صاحبڏني شاهہ“ نام سڏايم.

Gul Hayat Institute

## ٢٢: ڪافي روپ پهاڙي

جڏهن برهه ڪيو بيدار اديون، آڻي عشق ڪيو اظهار اديون.

نانگهه نظارو نور آهي، هر دم وارن کي حضور آهي،

دائم دردوندن دستور آهي، نيڻن نير وهائي نار اديون.

صورت صنم جي شور ڪيو، ٿي هوش عقل حيران ويو،

پرٽئون پاڪ پنهل سان پيچ پيو، هر دم حال هٿ هوشيار اديون.

هر دم حال حلاجي ۾ رند رهن، ڪاڪيون ڪين سجاڻين ڪين چون،

وٺي ڪين ڪنارو ڪين ٿين، هر دم ڪين ڪرن اظهار اديون.

”صاحبڏني شاهه“ ٿي گر ۾ گم، پڙهه فرض فنا ڪر خوب ختم،

تڏي معاف ٿئي سارو جرن جنم، حاصل حال همه هموار اديون

Gul Hayat Institute

## ٢٣: ڪافي روپ مانجهہ

~~~~~

تو ڪئون يار سهڻا، ڳُڻن منجهہ ڳري،

هيڪر ملان هڪ واري، ڪامل ڪرم ڪري.

جاڪون جدا ٿيو جاني، ملڪ سارو ويراني،

ڪيئن ڪري هي ٻانهي، ٿيڙو پنڌ پري.

دوست اوهانجي غم ۾، توکي ساريان دم دم ۾،

قبضو نہ پئي ڪم ۾، تو ۾ ديد ڏري.

موهيس تنهنجي ماڻين، ڄاڻيندڙ رب ڄاڻين،

ڪين لبي هان ناڻي، دلڙي خريد ڪري.

سڄڻ اوهان سڪ ۾، ڪين لڪي هان لڪ ۾،

ديد اٿم تو هڪ ۾، محبت منجهہ مري.

”صاحبڏني شاهہ“ ساري، پلپل ٿو پڪاري،

واڳ ولهي تي اچ واري، قربئون قدم ڏري.

Gul Hayat Institute
~~~~~

## ۲۴: ڪافي روپ تلنگ

عشق ڪيو اظهار، صورت صنم جي شور مچايم.

عدم ڇڏي هت آدم آيم، نہ ڪنهن ڄٽيل نہ ڪنهن ڄايم،

برهہ ڪيو بي قرار، احدون آٽي عبد سڏايم.

بي مثلي آهي ذات اسانجي، نالو صورت آهي صفات اسانجي،

نڪري ٿيس نروار، ڪنت ڪنزا ٻول ٻڌايم.

حُسن پرستي آهي ذات اسانجي، گم ٿيڻ آهي گهات اسانجي،

سولي تي سريدار، اناالحق آواز الايم.

"صاحبڏني شاهہ" سِر سمايم، هر جاءِ هر هنڌ حڪم هلايم،

آهيان بي پرواهہ، سهجون آٽي سيد سڏايم.

Gul Hayat Institute

## ٢٥: ڪافي روپ آسا

عشق جو ڏس انصاف وي ميان، خام خودي کي ڇڏ لهر ۾ لوڙهي.

بحر حسن ۾ جيڪي پوندا، نيهي نير وهائي روئيندا،

حال حقيقت ڪنهن کي نہ چوندا، برهہ ڪيا بيمار وي ميان،

وڏو وريامن کي نينهن نهوڙي.

عشق جي بازي ڪيڏن غازي، رند رضا تي رهن راضي،

ڇا وري ڇاٽن ملا قاضي، سر ڏين سردار وي ميان،

ڪنڌ ڪلهن تون ڏين ٿا ڪوري.

عشق آڙاهہ ۾ عاشق اچن ٿا، پرتئون پروانا پاڪ پچن ٿا،

پيڙ برهہ جا مچ مچن ٿا، سورهہ سي سلطان وي ميان،

وجن ويراڳي منهن نہ موڙي.

”صاحبڏني شاهہ“ عشق اڙانگو، مٺي ڇڏ تون سر جو سانگو،

لنگهي وڃ تون لا جو لانگهو، ڪر نفي اثبات وي ميان،

پوجهہ پيائي جو ڇڏ تون پوڙي.

Gul Hayat Institute

## ٢٦: ڪافي روپ لوڙائو

سوز صنم جي ۾ روز سڙان ٿو، عشق انبو لائي ڇڏيو،

محبت مچ مچائي ڇڏيو.

جاڪون جانب ٿيو آ جدل، مون عيش عشرت وڃائي ڇڏيو،

سڪ تنهنجي ۾ سهڻا سائين، مون نيڻين نير وهائي ڇڏيو.

فرقت تنهنجي ۾ سهڻا سائين، هجر هوش گنوائي ڇڏيو،

آ مل ماندي سان تون منٺڙا، وڇوڙو ورهن جو وڃائي ڇڏيو.

درد اوهان جي دلبر مون کي، سبق سورن جو سکائي ڇڏيو،

پلپل ۾ آ پچار اوهان جي، محبت مطالع ڪرائي ڇڏيو.

نيڻين ننڊ آرام جي ويئڙو، سيني سوز سمائي ڇڏيو،

”صاحبڏني شاهه“ وارو وريو، پير مغان پرچائي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

## ٢٧: ڪافي روپ لوڙائو

عشق عجيبا تو آوڻ سيتي، غير غرور وڃائي ڇڏيو،

غير غرور وڃائي ڇڏيو، ذاتي جوش جڳائي ڇڏيو.

حضرت عشق جنهن سر آيو، تنهن وهم وجود وڃائي ڇڏيو،

ذاتي سان وجي ذاتي رو ليو، سر سارو سمجهائي ڇڏيو.

عشق امانت خاص الله جي، باقي برهه بچائي ڇڏيو،

بخشش ڪيائين يار انهن تي، جنهن سر جي سانگو لاهي ڇڏيو.

صفت ثنا تنهنجي بيحد بالا، تو ڪنت ڪنزا الائي ڇڏيو،

سالڪ سمجهي ڪو سر انهي ڪي، بيمثل تہ پلائي ڇڏيو.

”صاحبڏني شاهہ“ پڙهہ شڪرانہ، عشق عطا هر ڪرائي ڇڏيو،

ڪامل مونسان ڪري جي ڪيڙو، ڏيهہ اهو تہ ڏيکاري ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

## ٢٨: ڪافي روپ لوڙائو

~~~~~~

عشق عجيبا تنهنجي چال عجائب، لوڪان ڪل نہ ڪائي وو يار،

لوڪان خبر نہ ڪائي وو يار، ڪر ڪا راهہ نمائي وو يار.

عشق امانت روز ازل ڪئون، چمي عوشاقن چائي وو يار،

بان ڪري پيٽو پاڙي پڇي ويا مُلن مسيت وسائي وو يار.

سو سُڪن ڪيان صدقي سورن تون، جنهن بندي برهہ پڙهائي وو يار،

صوم صلوات وساري مون وينس، سُرڪي سوز چڪائي وو يار.

تال تسبي جا گم ٿي ويڙا، پريم پريت وڌائي وو يار،

”صاحبڏني شاهہ“ صاف مندر ٿيو، عشق امانت آئي وو يار.

Gul Hayat Institute
~~~~~~

## ۲۹: کافی روپ آسا

جسم بھی میں ہوں، جان بھی میں ہوں، برہ بدل باران بھی میں ہوں۔

گنگا میں ہوں، جمنا میں ہوں، لچھمن رام تے کان بھی میں ہوں۔

عیسیٰ میں ہوں، الیاس میں ہوں، نوح اُتے طوفان بھی میں ہوں۔

احد میں ہوں، احمد بھی میں ہوں، ثابت سر سلطان بھی میں ہوں۔

عرش بھی میں ہوں، فرش بھی ہوں، سارا جملے جہان بھی میں ہوں۔

فنا بھی میں ہوں، بقا بھی میں ہوں، 'صاحبڑنہ شاہ' سبحان بھی میں ہوں۔

Gul Hayat Institute

## ۳۰: کافی روپ سورٹھ

گر گیان بتاؤں رے سکھی ری، میں تو منکر مار مناؤں۔

عشق آفات اور عام نہ آون، شیر شھید کراؤں۔

مام منصوری بیخود کیا، سولی سر چڑھاؤں۔

پیر مغاں ہے پریت میری، میں نفی ناد بجاؤں۔

’صاحبڈنہ شاہ‘ حال حُلاجی، انا الحق الاؤں۔

Gul Hayat Institute

## ۳۱: کافی روپ تلنگ

داس ہوں میں داس ہوں، دن رین پیا کی پیاس ہوں،

گُر کوں بندے نے کیا بتایا، خام خودی سے خلاص ہوں۔

سر سیس گرو کے چرنے ہوں، جیتے ہوں نہ مرتے ہوں،

کب راما اُتار اُترتے ہوں، کب عیسا ہوں کب الیاس ہوں۔

کب داراشاہ سکندر ہوں، کب گور کھ ناتھ مچھندر ہوں،

کب جوگ جگت کے اندر ہوں، کب تو خاص الخاص ہوں۔

کب مسجد ہوں، کب مندر ہوں، کب عشق آزاد سمندر ہوں،

کب صوفی مست قلندر ہوں، کب اڑتا پون آکاس ہوں۔

کب 'صاحبڈنہ شاہ' شائق ہوں، کب لام اللہ سِر لائق ہوں،

کب فقر فیاضی فائق ہوں، کب آدھوتی تہ اداس ہوں۔

Gul Hayat Institute